پروفيسر عبدالرحمان جسڪاڻي

# سُر آسا جو روحاني راز

***Abstract***

## Spiritual effect of Sur Aasa

*Shah Abdul Latif Bhittai, the great mystic poet, thinker and pious man has enlightened the relation of man with Almighty Allah . Man has yearns to get close of Lord through sacrifice and devotion. He wants to get awareness through people, who are fully aware of reality.*

*Shah Abdul Latif considers that five times prayers and fasting are Divine Commands, a God fearing man must follow these commands, but the main purpose of life is to seek love of Almighty Allah and man must peep into himself to know Almighty Allah, and it comes from poetry of this chapter 'Sur Aasa' Man must have love for his Lord.*

*Shah Abdul Latif expresses his views in "Sur Asa" that Almighty Allah is omnipotent. He is omnipresent and amnipresent. He is very close to man, and man can feel his presence. Since Almighty Allah is the most merciful and kind, man should not forget such kind and merciful Master.*

*Shah emphasizes this point that man should keep himself away from evil and vicious deeds and keep his soul clean and pure, to entrance spirituality.*

*According to Shah Abdul Latif Bhittai secret of success is hidden in piety and man can achieve success in life hereafter by adopting piety, which means to lead life according to Divine commands.*

*According to Shah Latif, the central point of Islam is oneness of God and it is for man that he should concentrate on Almighty Allah for his aspirations, wishes and hope. Shah conveys the message through the poetry of Sur Aasa that, "man should build his Character and moral values based on golden principles of Islam."*

Shah Abdul Latif Bhittai Chair

**حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحمت الله عليہ** جو ڪلام فڪر، فن ۽ زبان جي خوبين سان مالا مال آهي. سندس ڪلام ۾ انسان ذات جي رهنمائي لاءِ انسان دوستي، اخلاقيات، روحانيت ۽ خدا شناسي جا سونهري رهنما اصول موجود آهن. جن مان هر عام و خاص، عالم ۽ جاهل پنهنجي حيثيت آهر فيض حاصل ڪندا رهيا آهن ۽ اهو سلسلو رهندي دنيا تائين جاري ۽ ساري رهندو.

ڀلاري ڀٽائي جي ڪلام جو سُر آسا بہ سندس اعليٰ بصيرت ۽ روحانيت جي معراج جو مظهر آهي. هن سُر ۾ شاهہ سائينؒ تصوف جي رازن ۽ رمزن، مجاز ۽ حقيقت جي فڪر، سالڪن جي سلوڪ وارين منزلن کي بيان ڪري طلب ۽ ترڪ، تحقيق جي حقيقت، سڪ کي ساندڻ، تسليم ۽ رضا، طاعت ۽ تواضح ڏانهن رهنمائي فرمائي آهي. هي سُر روايتي پس منظر بجاءِ تصوف ۽ روحانيت جي رازن تي مشتمل آهي. ان لحاظ سان هي سُر وڏي معنيٰ ۽ مفهوم رکي ٿو. هي مضمون سُر آسا جي روحاني رازن کي سموهڻ جي سلسلي جي هڪ ننڍڙي ڪڙي آهي.

توحيد: اللّٰه تعاليٰ جي وحدانيت شاهہ سائينؒ جي ڪلام جو بنيادي نڪتو آهي، جنهن کي شاهہ سائين اڪثر سُرن ۾ بيان فرمائي وحدة جي وحدت ۽ هيڪڙائي جي حق جو اعلان ڪري شرڪ جو شڪ لاهي ڇڏيو آهي. سُر آسا ۾ شاهہ سائين اَحد جي اسرار کي ماڻيندڙن جو تعارف هن ريت ڪرايو آهي:

اَحدَ جي اسرار کي جُنبي ڏِٺو جَن،
سي مُوٽي ڪِين پَسَن، ڏاران هاديءَ هيڪڙي. (1)

هتي شاهہ سائين رحمت اللّٰه عليہ، هڪ هادي کانسواءِ ٻئي ڪنهن ڏانهن ڏسڻ ۽ پسڻ جو سخت مخالف، احد واري اسرار يعني اللّٰه تبارڪ و تعاليٰ جي هيڪڙائي واري حق جو حامي آهي. جڏهن تہ اسانکي قرآن ڪريم ۾ بہ اَحد جي اسرار ۽ هادي جي هدايت جو اظهار هر هنڌ نظر اچي ٿو، جنهن ۾ اللّٰه تعاليٰ جي هيڪڙائي، بادشاهي ۽ بندگي جي لائق هجڻ جو ارشاد هن ريت فرمايل آهي:

قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ۚ﴿۱﴾ اَللّٰهُ الصَّمَدُ ۚ﴿۲﴾ (2)

ترجمو: (اي نبي) چئو تہ اهو اللّٰه هڪڙو ئي آهي. اللّٰه بي پرواهہ آهي.

وَ مَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنْ هَادٍ ۚ﴿۳۶﴾ وَ مَنْ يَّهْدِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنْ مُّضِلٍّ ؕ (3)

ترجمو: ۽ جنهن جي راهہ وڃائي پوءِ ناهي ان کي ڪو رستو ڏيکاريندڙ ۽ جنهن کي راهہ ڏيکاري اللّٰه پوءِ ناهي ان لاءِ ڪوئي ڀُلائيندڙ.

ڀٽائي رحمت اللّٰه عليہ اللّٰه تعاليٰ جي توحيد يعني اَحديت واري اسرار کي ڇِٽي ڇٽائي ۽ شرڪ کي اونداهي سان هن ريت تشبيهہ ڏني آهي:

آهي اُونداهيءَ جو شِرڪُ سَهَائي،
ڇِٽي ڇِٽائي، اَلف جي عَميقَ ۾. (4)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جڏهن ته بارگاهه الاهي مان به اسان کي اهو پتو پوي ٿو ته شرڪ وڏو ظلم آهي ۽ مشرڪ کي سنئين راهه کان ڀٽڪيل قرار ڏنل آهي:

وَمَنْ يُّشْرِكْ بِاللّٰهِ فَقَدْ ضَلَّ ضَلٰلًا بَعِيْدًا ﴿١١٦﴾ (5)

ترجمو: ۽ جيڪو شريڪ ڪري ٿو الله سان، پوءِ اهو گمراهه ٿي وڃي پري پيو.

شاهه سائين رحمت الله عليه اڳتي هلي ذات باري تعاليٰ کي نه سڃاڻيندڙن لاءِ محروم ٿي مرڻ جو جيڪو اعلان فرمايو آهي اهو به قرآن ڪريم جي مٿين آيت مبارڪ جي تشريح جو درجو رکي ٿو.

ڏيکيندي ديدار کي، ”ڪُلُ“ سُڃاتَئون ڪِين نَه،

جانبَ مَنجهان جِين نه، مَحروم ٿي مَري وِئا. (6)

هتي ڪُلُ مان مراد الله تبارڪ و تعاليٰ جو پاڪ نالو آهي، جيڪو سيني نالن جو جامع آهي. شاهه صاحب موجب ڪُل کي سڃاڻڻ کانسواءِ انسان ”ضل ضللا بعيدا“ محروم ٿي مري ويندو يعني گمراهه ٿي ناڪام ٿي ويندو.

شاهه لطيف رحمت الله عليه، مشرڪن جي ٽن خدائن واري عقيدي کي رد ڪندي اعلان ٿو ڪري ته اي ٽن خدائن جو عقيدو رکندڙ ٽيڏا ”هو تان آهي هيڪڙو“ يعني رب ڪريم اڪيلو ۽ لاشريڪ آهي:

سُـــچ وَسَـــنـــدي تَـــن کـــي جـــوشَ جَـــلايـــا جـــي،

طـالـب جـي تـحـقـيـق جـا، نـيـه تَـنـي وَٽ نـي،

تـيـڏيـي پَـسـي تِـري، هُـو تـان آهـي هـيـڪـڙو. (7)

قرآن ڪريم جي مطالعي مان به اسان کي ٽن خدائن جو عقيدو رکندڙ طبقي جو پتو پوي ٿو، جن کي بارگاهه الاهي مان ان باطل عقيدي کي ڇڏي اڪيلي خدا جي بندگيءَ جو حڪم ڏنو ويو آهي:

وَلَا تَقُوْلُوْا ثَلٰثَةٌ ؕ اِنْتَهُوْا خَيْرًا لَّكُمْ ؕ اِنَّمَا اللّٰهُ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ؕ (8)

ترجمو: ۽ اوهين ٽي (خدا) نه چئو اهڙي چوڻ کان پاڻ کي جهليو، اهو اوهان لاءِ ڀلو آهي. هڪ الله کانسواءِ ڪو به عبادت جي لائق نه آهي.

رسالت: شاهه سائين رحمت الله عليه، رسول ﷺ جن جو پڪو ۽ سچو عاشق هو. سندس فڪر موجب مسلماني محمد رسول الله ﷺ تي ايمان جي اظهار سان ئي نصيب ٿئي ٿي. سُر آسا ۾ به شاهه سائين بدڪارن ۽ گنهگارن لاءِ نبي ڪريم ﷺ جي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

شفاعت لاءِ هن ريت ٻاڏائيندي نظر اچي ٿو:

سَيِيئي سَنئين ڪَرين، ڪومَ مُنجهائين راهَ،
سَڄَڻَ جي صلاح، لائُون لَڳُو ميڙيين. (9)

هتي سڄڻ جي صلاح مان مراد نبي ڪريم ﷺ جن جي شفاعت آهي، جنهن لاءِ رب ڪريم پاران حضور جن ڪي ايمان وارن لاءِ بخشش جي اجازت عطا فرمايل آهي، جنهن جو ذڪر قرآن ڪريم ۾ هن ريت آيو آهي:

وَ اسْتَغْفِرْ لَهُنَّ اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۲﴾ (10)

ترجمو: (اي محمد) ۽ انهن لاءِ الله کان بخشش گهر ڇو ته الله بخشڻهار مهربان آهي.

شفاعت محمدي ﷺ جي اظهار بعد شاهه سائين رحمت الله عليه، رهبر ۽ رهنما ڪانسواءِ ڏورڻ کي ڏاکڙو قرار ڏئي ٿو. سندس فڪر موجب رسول ﷺ جهڙو رهبر ۽ رهنما هجي ته پوءِ ڏورڻ گهرجي:

ڏُور مَ رءَ ڏئي، ڏورَڻ گهَڻو ڏاکَڙو،
تان تان هوئج حجري جان جان يار هُئي،
جَڏ پاسي پاڻ ٿئي، تڏهن ڇَڏج تَڪيو. (11)

هن بيت ۾ ڀٽائيؒ جنهن ڏيئي ڪانسواءِ ڏورڻ کي ڏاکڙو قرار ڏنو آهي، ان ڏِيئي مان مراد ٻنهي جهانن جو سردار حضور ﷺ آهي. جو ته پاڻ سڳورن کي رب ڪريم پاران قرآن ڪريم ۾ هڪ روشن ڏيئو پڻ قرار ڏنل آهي:

يٰاَيُّهَا النَّبِيُّ اِنَّآ اَرْسَلْنٰكَ شَاهِدًا وَّ مُبَشِّرًا وَّ نَذِيْرًا ﴿۴۵﴾ وَّ دَاعِيًا اِلَى اللّٰهِ بِاِذْنِهٖ وَ سِرَاجًا مُّنِيْرًا ﴿۴۶﴾ (12)

ترجمو: اي نبيؐ، اسان توکي شاهدي ڏيڻ وارو، خوشخبري ٻڌائڻ وارو ۽ ڊيڄارڻ وارو ڪري موڪليو ۽ الله ڏانهن سڏڻ وارو روشن (چراغ) ڏيئو.

شاهه سائين رحمت الله عليه، نبي ڪريم ﷺ سان دشمني ۽ حسد رکندڙ ڪافرن ۽ منافقن جي سازشن کي بيان ڪندي سندن سزا لاءِ بارگاهه الاهي ۾ پڻ ٻاڏايو آهي:

ڪَرَجاڪَڏ ڪَنئي، پوَڻ ڪَارڻ پرينءَ جي،
تِنِهه ۾ پَاڻ پئي، غيبتي غَار ٿيو. (13)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هن بيت ۾ شاهه سائين، ابوجهل (ڪر) جي ان ڏک ڏانهن اشارو فرمايو آهي، جيڪا هن حضور ﷺ (پرين) ڪارڻ رستي ۾ ڪٽائي هئي ليڪن الله جي امر سان ان ڪڏ ۾ غيبتي ابوجهل خود ڪري غار ٿيو.

اسانکي قرآن ڪريم مان اها شاهدي ملي ٿي تہ هر علائقي جا سردار اڪثر فساد ۽ بدڪاري جو شڪار هوندا آهن، ليڪن اهي پاڻ ڪانسواءِ ڪنهن ٻي لاءِ فساد نہ ڪندا آهن:

وَ كَذٰلِكَ جَعَلْنَا فِیْ كُلِّ قَرْیَةٍ اَكٰبِرَ مُجْرِمِیْهَا لِیَمْكُرُوْا فِیْهَا ؕ
وَ مَا یَمْكُرُوْنَ اِلَّا بِاَنْفُسِهِمْ وَ مَا یَشْعُرُوْنَ ﴿۱۲۳﴾ (14)

ترجمو: ۽ اهڙي طرح هر ڳوٺ ۾ انهي ڳوٺ جا وڏيرا هن لاءِ بدڪار ڪياسون تہ ان ڳوٺ ۾ فساد وجهندا رهن ۽ (اهي) پاڻ ڪانسواءِ ڪنهن ٻي لاءِ فساد نہ ڪندا آهن ۽ نہ ڄاڻندا آهن.

لطيفؒ ڪافرن جون سازشون ٻُڌي، بارگاهہ الاهي ۾ التجا ٿو ڪري تہ انهن ڪَريل سردارن کي تيستائين نہ مار جيستائين هو دين اسلام جو عروج ۽ غلبو نہ ڏسن يعني حضور جن ۽ ايمان وارن جون اميدون پَسي پوءِ مرن:

اَلله ڪَر جِيَن، ڪَرُ مَ مَري هيڪڙو،
اَسان ۽ پرين جون اُميدون پُڄَن،
تِهان پوءِ مَرن، سڙي انهين سُور ۾. (15)

شاهہ صاحب رحمت الله عليہ ساڳئي عنوان کي هڪ ٻئي هنڌ هن ريت ارشاد فرمائي ٿو:

الله ڪَر جين، جي پاڙي رهن پرينءَ جي،
پُنيون مون پَسن، اُميدون سِين سڄڻين. (16)

حضور ﷺ جي پاڙي ۾ رهندڙ (ڪرن) قريش سردارن جي اها روش هوندي هئي تہ جڏهن بہ نبي ڪريم ﷺ يا ايمان وارن کي ڪا تڪليف پهچندي هئي تہ خوش ٿيندا هئا ۽جڏهن حضور ﷺ جن يا ايمان وارن کي ڪا خوشي نصيب ٿيندي هئي تہ ان تي انهن کي ساڙ ٿيندو هو. ڪافرن جي ان ڪيفيت کي قرآن ڪريم ۾ هن ريت بيان فرمايو آهي:

اِنْ تَمْسَسْكُمْ حَسَنَةٌ تَسُؤْهُمْ ۫ وَ اِنْ تُصِبْكُمْ سَیِّئَةٌ یَّفْرَحُوْا بِهَا ؕ (17)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ترجمو: اي مؤمنو جيڪڏهن اوهان ڪي ڪا چڱائي پهچندي آهي تہ ڪين ڏکوئيندي آهي ۽ جيڪڏهن اوهان ڪي ڪو ڏک پهچندو آهي تہ ان سببان سَرها ٿيندا آهن.

ڀٽائيؒ پنهنجي ڪلام ۾ پڻ ۽ پاراتي ڪان پاسو ڪندو رهيو آهي، ليڪن حضورﷺ جن سان والهانہ محبت سبب جڏهن حضورﷺ جن جو معاملو آيو تڏهن شاهہؒ نبي ڪريم جي دشمنن کي بددعا ڏيڻ ڪان بہ ڪين ڪيٻايو:

ڪَر ڪي ڪَپُرُ ڪاءِ، نَانگُ مَٽيارو نڪري،
اُپو جو اُوناءِ، سُريَر سَندي سَڄٽين. (18)

هن بيت ۾ لطيف سائين ڪافرن جي پاران حضورﷺ ۽ صحابہؓ جي مشورن کي جيڪي اهي دين اسلام جي اشاعت لاءِ خفيہ طور تي ڪندا هئا، تن کي اُپو جو اونا ڪري لِڪي بيهي ڪنرو ڏيئي ٻڌڻ ڏانهن اشارو فرمايو آهي. رب ذوالجلال جي بارگاهہ مان بہ ڪافرن جي انهن سازشن جو ذڪر قرآن ڪريم ۾ هن ريت بيان فرمايو ويو آهي:

وَ اِذَا قَرَاْتَ الْقُرْاٰنَ جَعَلْنَا بَيْنَكَ وَ بَيْنَ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ حِجَابًا مَّسْتُوْرًا ﴿۴۵﴾ وَّ جَعَلْنَا عَلٰى قُلُوْبِهِمْ اَكِنَّةً اَنْ يَّفْقَهُوْهُ وَ فِيْٓ اٰذَانِهِمْ وَقْرًا (19)

ترجمو: ۽ جڏهن تون قرآن پڙهندو آهين، تڏهن تنهنجي وچ ۾ ۽ جيڪي آخرت کي نہ مڃيندا آهن ان جي وچ ۾ اسين لڪل پردو ڪندا آهيون ۽ ان جي سمجهڻ ڪان سندن دلين ۾ پردو ۽ سندن ڪنن ۾ گهبرائي (ٻوڙائي) وجهندا آهيون.

ڀٽائيؒ جي حضورﷺ جن جي دشمنن کي ڪُپر نانگ ڪان ڪارائڻ جي پاراتي سان گڏ اسان کي رب ڪريم پاران انهن ڪرن لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ لعنت ۽عذاب جو پتو پڻ پوي ٿو:

اِنَّ الَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ لَعَنَهُمُ اللّٰهُ فِي الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةِ وَ اَعَدَّ لَهُمْ عَذَابًا مُّهِيْنًا ﴿۵۷﴾ (20)

ترجمو: بيشڪ جيڪي الله ۽ سندس پيغمبر کي ايذائيندا آهن تن تي الله دنيا ۽ آخرت ۾ لعنت ڪئي آهي ۽ انهن لاءِ خواري وارو عذاب تيار ڪيو اٿس.

## پرهيزگاري (تقويٰ):

انسان جي دل ۾ پرهيزگاري جي احساس کي تقويٰ چيو ويندو آهي. تقويٰ ذريعي انسان الله تعاليٰ جي خوف کي سامهون رکندي گناهن ۽ بُرن ڪمن ڪان بچي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

نيڪ عملن ڪرڻ جي توفيق حاصل ڪندو آهي.

سنڌ جي عارف ڀٽائي رحمت الله عليہ بہ پنهنجي ڪلام ۾ تقويٰ يعني پرهيزگاري جي واٽ تي پڪو پختو رهندڙن لاءِ ڪاميابي جو اعلان هن ريت فرمايو آهي:

صُلُح جن سڄڻ سين، سيج ماڻيندا سي،
"الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَ كَانُوۡا يَتَّقُوۡنَ"، اِن پَر اُيا جي،
سي نيئي نُونڌين تي، چڙهين ڏکين چاڙهيا. (21)

هن بيت ۾ شاهہ سائين قرآن ڪريم جي جنهن آيت جي حوالي سان وضاحت فرمائي آهي، اها سورت يوسف ۾ هن ريت آيل آهي:

وَ لَاَجۡرُ الۡاٰخِرَةِ خَيۡرٌ لِّلَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَ كَانُوۡا يَتَّقُوۡنَ ﴿۵۷﴾ (22)

ترجمو: ۽ ثواب آخرت جو بهتر آهي، انهن لاءِ جن ايمان آندو ۽ پرهيزگاري ڪندا هئا.

شاهہ سائين موجب جيڪي ايمان وارا الله تعاليٰ جو خوف ۽ پرهيزگاري اختيار ڪندا سي ئي سيج ماڻيندا. هتي سيج مان مراد انعام ۽ اڪرام آهي، جيڪو متقين کي الله تعاليٰ پاران آخرت ۾ ملندو:

لٰكِنِ الَّذِيۡنَ اتَّقَوۡا رَبَّهُمۡ لَهُمۡ جَنّٰتٌ تَجۡرِىۡ مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ خٰلِدِيۡنَ فِيۡهَا نُزُلًا مِّنۡ عِنۡدِ اللّٰهِ ؕ وَمَا عِنۡدَ اللّٰهِ خَيۡرٌ لِّلۡاَبۡرَارِ ﴿۱۹۸﴾ (23)

ترجمو: پر جيڪي پنهنجي پالڻهار کان ڊنا تن لاءِ باغ آهن، جن جي هيٺيان واهيون وهنديون آهن ان ۾ سدائين رهڻ وارا آهن، اها مهماني الله وٽان آهي ۽ جيڪي الله وٽ آهي سو ڀلارن لاءِ چڱو آهي.

يعني جيڪي پرهيزگاري (تقويٰ) تي قائم رهيا "ان پر ايا جي" اهي ئي الله جي پار کان مهماني ماڻيندا.

## نماز ۽ روزو:

ٻانهپ جي سڀ کان اهم نشاني نماز آهي. نماز اسلام جي بنيادي ارڪان مان ٻيو نمبر رڪن هئڻ سان گڏ، دين جو ٿنڀو ۽ ايمان وارن لاءِ معراج جو مقام پڻ رکي ٿي. ايمان کان پوءِ نماز هڪ اهڙي عبادت آهي جيڪا هر امير ۽ غريب تي فرض ڪئي وئي

آهي. نماز بابت قرآن ڪريم ۾ وڏ ۾ وڏ تاڪيد انڪري آهي جو ان ۾ شروع کان وٺي آخر تائين الله تعاليٰ جي عظمت ۽ بزرگي ۽ ٻانهي جي ٻانهپ يعني عاجزي ۽ انڪساري جو اظهار آهي.

ڀلارو ڀٽائي رحمت الله عليہ نہ رڳو خود نماز ۽ روزي جو پابند هو بلڪ سندس ڪلام ۾ نماز ۽ روزي جي اهميت، ادائيگي ۽ ان جي مقصد جي واضح طور تي وضاحت فرمايل آهي تہ نماز ۽ روزو ظاهري فرض تہ آهن ئي سهي ليڪن انهن جو حقيقي ۽ روحاني مقصد ڪو ٻيو آهي:

روزا ۽ نمازُون، اِيءُ پڻ چَڱو ڪَمُ،
اُو ڪو ٻيو فهمُ، جَنه ۾ پسڻُ پرينءَ ڪي. (24)

هن بيت ۾ شاهہ صاحب جنهن ٻئي فهم ڏانهن اشارو فرمايو آهي، اهو فهم اسانکي قرآن ڪريم مان هن ريت ملي ٿو تہ نماز جو اصل مقصد نيڪ نيتي سان عبادت ظاهر سان گڏ باطن يعني قلب جي پاڪيزگي ۽ تقويٰ آهي، جنهن سان پنهنجي پرين کي پَسي سگهجي ٿو:

قُلۡ اِنَّ صَلَاتِیۡ وَ نُسُکِیۡ وَ مَحۡیَایَ وَ مَمَاتِیۡ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ ﴿۱۶۲﴾ (25)

ترجمو: چئو تہ منهنجي نماز ۽ منهنجون مڙئي عبادتون ۽ منهنجو جيئڻ ۽ منهنجو مرڻ جهانن جي پالڻهار الله لاءِ آهي.

جڏهن تہ نماز جي روحاني مقصد تقويٰ ۽ پاڪيزگيءَ لاءِ قرآن ڪريم ۾هن ريت حڪم ڏنو ويو آهي:

لَّمَسۡجِدٌ اُسِّسَ عَلَی التَّقۡوٰی مِنۡ اَوَّلِ یَوۡمٍ اَحَقُّ اَنۡ تَقُوۡمَ فِیۡهِ ؕ (26)

ترجمو: جا مسجد پهرين ڏينهن پرهيزگاري تي اڏائي وئي آهي تنهن ۾ توکي بيهڻ (يعني نماز پڙهڻ ۽ پڙهائڻ) وڌيڪ لائق آهي.

ساڳئي وقت هن بيت ۾ شاهہ لطيفؒ نماز سان گڏ روزي ۽ ان جي حقيقي مقصد ڏانهن پڻ اشارو فرمايو آهي. اسان کي قرآن ڪريم مان نماز وانگر روزي جي حقيقي مقصد جي بہ وضاحت ملي ٿي، جنهن ۾ بہ تقويٰ يعني پرهيزگاري کي روزي جو حقيقي مقصد قرار ڏنل آهي:

یٰۤاَیُّهَا الَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡا کُتِبَ عَلَیۡکُمُ الصِّیَامُ کَمَا کُتِبَ عَلَی الَّذِیۡنَ مِنۡ قَبۡلِکُمۡ لَعَلَّکُمۡ تَتَّقُوۡنَ ﴿۱۸۳﴾ (27)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ترجمو: اي مومنو! جيئن اوهان کان اڳين تي روزا فرض ڪيا ويا هئا، تيئن اوهان تي بہ روزا فرض ڪيا ويا آهن تہ مَن اوهين (تقويٰ) پرهيزگاري (اختيار) ڪريو.

شاهہ سائين رحمت الله عليہ جنهن ”او ڪو پيو فهم“ ڏانهن اشارو فرمايو آهي، قرآن ڪريم ان فهم کي ”لَعَلكُم تَتقُون“ قرار ڏنو آهي. جنهن مان مراد آهي تہ روزي جو روحاني مقصد بہ تقويٰ يعني پرهيزگاري آهي.

## الله تعاليٰ جو ذڪر:

ڀِٽائي پنهنجي ڪلام ۾ ذڪر الاهي ڪري هڪ طرف رب ڪريم جي اطاعت ڪئي آهي تہ ٻئي طرف انسانذات کي ذڪر الاهي جي ترغيب پڻ ڏني آهي. عالمن ۽ عارفن جو قول آهي تہ ذڪر الاهي انسان لاءِ روحاني غذا جو درجو رکي ٿو:

حقيقت هٽي، منهنجي جان جُدا ڪئي،
هِڪُ پساهہُ پرينءَ ري سگهان تان نہ ڪٽي،
ڏٽي ۽ ڏٽي، رهيو آهِمِ رُوح ۾. (28)

جڏهن تہ هر حال ۾ ۽ هر سَاهہ پساهہ ۾ ڏٽي جو ذڪر ڪندڙ ٻانهن جو تعارف قرآن ڪريم ۾ هن ريت فرمايو ويو آهي:

وَاذْكُرْ رَّبَّكَ فِيْ نَفْسِكَ تَضَرُّعًا وَّ خِيْفَةً وَّ دُوْنَ الْجَهْرِ مِنَ الْقَوْلِ بِالْغُدُوِّ وَالْاٰصَالِ وَلَا تَكُنْ مِّنَ الْغٰفِلِيْنَ ﴿۲۰۵﴾ (29)

ترجمو: ۽ پنهنجي پالڻهار کي دل ۾ عاجزي ۽ ڀَو سان وڏي آواز ڌاران صبح ۽ شام جو ياد ڪر ۽ غافلن مان نہ هج.

ڀِٽائي رحمت الله عليہ تَن کي تسبيح من کي مٽيو ۽ دل ۾ بہ الله جي نالي جي ذڪر ڪرڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد ٿو فرمائي تہ:

تَنُ تسبيح مَنُ مٽيون، دل دنبورو جَنِ،
تندُون جي طلب جيون وحدت سر وَڄنَ،
وَحدہُ لا شريڪ لہُ، اهو راڳُ رَڳن،
سي سُتا ئي سُونهن، ننبر عبادت اُن جي. (30)

لطيفي فڪر موجب جنهن جي تَن مَن ۾ ذڪر الاهي جي تنوار هجي ۽ توحيد جو راڳ رڳن ۾ روان هجي تہ پوءِ ان دل کي الله جي ذڪر کانسواءِ قرار نہ ايندو. اهڙو

بيان اسان کي قرآن ڪريم جي هن آيت مان به ملي ٿو:

اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ تَطْمَىِٕنُّ قُلُوْبُهُمْ بِذِكْرِ اللّٰهِ ؕ اَلَا بِذِكْرِ اللّٰهِ تَطْمَىِٕنُّ الْقُلُوْبُ ﴿۲۸﴾ (31)

ترجمو: اي جن ايمان آندو ۽ قرار ٿيون وٺن دليون انهن جون الله جي ذڪر سان، خبردار الله جي ذڪر سان قرار وٺنديون آهن دليون.

هن آيت مان ثابت ٿيو ته دلين کي الله جي ذڪر سان ئي قرار ملي ٿو. انڪري تن کي تسبيح من کي مٽيو دل کي دنبورو ڪري وحدت جي سُرن جو راڳ رڳن ۾ روان ڪجي ته دل کي حقيقي آرام نصيب ٿي سگهي.

ڀٽائي رحمت الله عليه مٿين بيت جي آخر ۾ ”سي ستا ئي سونهن ننڊ عبادت ان جي“ جو جيڪو اظهار فرمايو آهي ان جي تصديق اسان کي قرآن ڪريم مان پڻ هن ريت ملي ٿي:

الَّذِيْنَ يَذْكُرُوْنَ اللّٰهَ قِيٰمًا وَّ قُعُوْدًا وَّ عَلٰى جُنُوْبِهِمْ (32)

ترجمو: جيڪي بيٺي ۽ ويٺي ۽ پنهنجن پاسن ۾ الله کي ياد ڪندا آهن.

شاهه صاحب انسان جي رهنمائي فرمائيندي ڪيس صلاح ٿو ڏئي ته هٿن سان ڪم ڪار ڪندو رهه ۽ نيڻن سان بيشڪ نهاريندو ۽ نظارا ڪندو رهه ليڪن دل ۾ سپرين جي ياد ۽ ذڪر جاري هئڻ گهرجي.

هَٿن سين حاج ڪر، نيڻن سين نِهَارِ،
اُيا اگڻ پَارِ، پَسن پنهنجا سُپرين. (33)

يعني اي طالب مولا هٿن سان هاج ڪر ۽ نيڻن جي اکيد کي پنهنجي حقيقي پرين ڏي اهڙي طرح رک جو پنهنجو پرين اگڻ تي پيو ڏسين، مقصد ته هٿ دنيا جي ڪم ڪار ۾ ۽ دل مالڪ جي ديدار ۾ رُڌل هجي.

## الله تعاليٰ جي تلاش:

شاههؒ الله تعاليٰ جي عاشقن کي ڏس ٿو ڏئي ته رب ڪريم جي ذات جي ڳولا لاءِ هيڏي هوڏي هٿڙا هڻڻ جي ڪابه ضرورت نه آهي، ڇو ته رب پاڪ اهو ڏس ڏنو آهي ته پنهنجي اندر ۾ نهار ته توکي محبوب ملي ويندو:

سَمِيعُ بَصِيرٌ حَيُ هميشه، سو سائين سدائين،
هيڏي هوڏي هٿڙا، ڇا کي ڇو پائين،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

"وَفِي اَنفُسِڪُم اَفَلاتُبصِرُون"، ايءُ ڏسڙو ڏنائين،
جان ڪوجيين ڏينهڙو، تان ڏوري لَهُ مَنجهائين. (34)

ڀٽائيؒ الله تعالىٰ جي مبارڪ نالن سان حمد بعد انسان کي پنهنجي محبوب حقيقي کي هيڏي هوڏي ڳولڻ بجاءِ پنهنجي اندر ۾ ڳولڻ جو جيڪو ڏس ڏنو آهي، اهو قرآن ڪريم جي هن آيت مبارڪ جي تشريح جو درجو رکي ٿو:

وَ هُوَ مَعَكُمْ اَيْنَ مَا كُنْتُمْ ؕ وَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ۝ (35)

ترجمو: ۽ جتي اوهين هجو اتي اهو (الله) اوهان سان گڏ آهي ۽ جيڪي ڪندا آهيو سو الله ڏسندڙ آهي.

اسانکي قرآن ڪريم مان اهو فرمان ملي ٿو ته الله پنهنجن ٻانهن کي ساهه جي رڳ کان به وڌيڪ قريب آهي:

وَ لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ وَ نَعْلَمُ مَا تُوَسْوِسُ بِهٖ نَفْسُهٗ ۚۖ وَ نَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ ۝ (36)

ترجمو: ۽ بيشڪ ماڻهو کي پيدا ڪيو سون ۽ سندس نفس ڪيس جيڪو وسوسو وجهندڙ آهي سو ڄاڻندا آهيون ۽ اسين ڏانهن (سندس) شاهه جي رڳ کان وڌيڪ ويجها آهيون.

## الله تعالىٰ جي محبت:

شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ مالڪ سائين جي محبت کان وانجهيل انسانن کي نصيحت ٿو ڪري ته تون رب ڪريم جي هوندي ٻين درن تي انسان جي غلامي ڪري نوڪرون ڇو ٿو ڪائين؟ شاهه انسان کي اها به صلاح ٿو ڏئي ته جيڪڏهن سکيو رهڻ چاهين ٿو ته پوءِ تنهنجي محبت جو مرڪز صرف الله رب العزت جي ذات هئڻ گهرجي:

ڇا کي وَيِئو ڇو، ٻيلي ٿئين ٻئن جو،
وَٽُ ڪَنجَڪ ڪريم جي جڳُ جو والي جو،
سَهُکو هوندو سو، جنهن جو عشق الله سان. (37)

جڏهن ته قرآن ڪريم مان به انسان جي ان ساڳي ڪيفيت جو پتو پوي ٿو ته هو رب ڪريم کي ڇڏي ٻين جو وجي ٻيلي ٿيو آهي، حالانڪ جن ايمان آندو ۽ پنهنجي محبت رب ڪريم سان رکيائون ته آهي ڪامياب ٿيندا:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّتَّخِذُ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَنْدَادًا يُّحِبُّوْنَهُمْ كَحُبِّ اللّٰهِ ؕ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَشَدُّ حُبًّا لِّلّٰهِ ؕ (38)

ترجمو: ۽ ماڻهن مان ڪي (اهڙا) آهن جي الله کانسواءِ ٻين کي الله جهڙو ڪري وٺندا آهن (۽ انهن کي) الله جي پيار وانگر پيارو رکندا اٿن ۽ جن ايمان آندو سي الله جي دوستي (محبت) ۾ ڏاڍا زور آهن.

هن آيت جو پهريون حصو مَن يتخذ... شاهه سائين جي شرح موجب ڇا ڪي وجئو ڇو ٻيلي ٿئين ٻين جو ۽ آيت جو آخري حصو "وَالذِين اٰمَنُوا اشد..." سهڪو هوندو سو جنهن جو عشق الله سان جي صورت ۾ بيان فرمايو ويو آهي.

## مشڪل ڪشائي ڪندڙ ۽ حاجت روا:

شاهه سائينؒ پنهنجي ڪلام ذريعي وچڙيل انسان کي ورائي پنهنجي محبوب حقيقي سان ملائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ چوي ٿو ته انسان الله تعاليٰ جو نائب ۽ نمائندو آهي. هن مقصد لاءِ شاهه سائين انسان کي پنهنجو مشڪل ڪُشا ۽ حاجت روا هڪ الله وحدهٗ لاشريڪ کي سمجهڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد فرمائي ٿو:

سَيئي سُبحان جي ڪَر حوالي ڪَمَ،
تيءَ تحقيق تَسليم ۾ لاهي غَم وَهمَ،
قادر ساڻ ڪرم، حاصل ڪري حاجَ تو. (39)

يعني اي انسان تون پنهنجا سڀ ڪم ڪار ۽ حاجتون هڪ الله سبحانهٗ و تعاليٰ جي حوالي ڪر ۽ انجي رضا کي مڃي ان تي راضي رهه پوءِ قادر تو سان ڪرم ڪري تنهنجي طلب توکي حاصل ڪري ڏيندو.

ساڳئي وقت قرآن ڪريم مان به اسانکي الله جي نيڪ ٻانهن جي ان صفت ۽ عقيدي جو پتو پوي ٿو ته اهي پنهنجا ڪم ڪار ۽ حاجتون الله تبارڪ و تعاليٰ جي حوالي ڪندا آهن:

وَ اُفَوِّضُ اَمْرِيْٓ اِلَى اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بَصِيْرٌۢ بِالْعِبَادِ ﴿۴۴﴾ (40)

ترجمو: ۽ (آءٌ) پنهنجو ڪم الله کي سونپيان ٿو ڇو ته الله (ٻانهن جي حال) کي ڏسندڙ آهي.

شاهه سائين هن آيت مبارڪ مطابق پنهنجا ڪم الله تعاليٰ جي حوالي ڪرڻ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

واري مفهوم کي ”سپيئي سُبحان جي کَر حوالي کَم“ جي صورت ۾ بيان فرمائي ڇڻ مٿين آيت جو منظوم ترجمو فرمايو آهي.

ٿي تحقيق تسليم ۾ لاهي غم وهم مان مراد يقيني طور تي پاڻ کي الله تعاليٰ جي حوالي ڪرڻ ۽ رب جي رضا تي راضي رهڻ آهي اهو ساڳيو مفهوم اسان کي قرآن ڪريم ۾ هن ريت ملي ٿو:

وَرِضْوَانٌ مِّنَ اللّٰهِ اَكْبَرُ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿٧٢﴾

(سُوْرَةُ التَّوْبَةِ، آيت: 72، پ: 10)

ترجمو: ۽ الله جو راضپو (سڀ کان) تمام وڏو آهي، اها وڏي مراد ماڻڻ آهي.

## موت ۽ توبهه:

شاهه سائينؒ، انسانيت جي ڪاميابيءَ لاءِ ايڏو ته فڪر مند آهي جو هر صورت ۾ هر انسان کي بارگاهه الاهي ۾ سرخرو ڏسڻ چاهي ٿو. انڪري هو انسان کي موت جي اچڻ کان خبردار ڪندي موت کان اڳ ۾ توبهه ڪرڻ جي صلاح هن ريت ڏئي ٿو:

مــوت مـــنــد نـــ آهـــي، تـــائـــب ٿـــئـــو تـــڪـــڙا،
”عَجِلُوا بِالتَوبَةِ قَبلَ المَوت“، ويهه تون ويرم لاهي.(41)

اهڙي قسم جو تفصيلي حڪم اسان کي قرآن ڪريم ۾ به ملي ٿو جنهن ۾ رب ڪريم اهو اعلان فرمايو آهي ته جيڪو سڄي عمر الله تعاليٰ کان نه ڊڄي ۽ موت کي اکين سان ڏسي پوءِ توبهه ڪري ته ان جي توبهه قبول نه ڪئي ويندي:

وَلَيْسَتِ التَّوْبَةُ لِلَّذِيْنَ يَعْمَلُوْنَ السَّيِّاٰتِ ۚ حَتّٰٓى اِذَا حَضَرَ اَحَدَهُمُ الْمَوْتُ قَالَ اِنِّىْ تُبْتُ الْـٰٔنَ وَلَا الَّذِيْنَ يَمُوْتُوْنَ وَهُمْ كُفَّارٌ ؕ اُولٰٓئِكَ اَعْتَدْنَا لَهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿١٨﴾ (42)

ترجمو: ۽ انهن جي توبهه قبول ٿيڻي نه آهي، جيڪي بڇڙايون ڪندا رهندا آهن ۽ نه ڊڄندا آهن، تان جو جنهن مهل انهن مان ڪنهن کي موت پهچي، تنهن مهل ڊڄي چوي ته هاڻي آءُ توبهه ڪريان ٿو ۽ نڪي انهن جي توبهه قبول آهي جيڪي ڪافر ٿي مرندا آهن. انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب تيار ڪيو اٿئون.

## صبر ۽ تحمل:

جيئن ته ڀٽائيؒ جو ڪلام اخلاقي قدرن جو وڏو سرمايو آهي، انڪري سندس ڪلام ۾ صبر تي تمام گهڻو زور ڏنو ويو آهي. سندس فڪر موجب انسان کي ڪاميابي ماڻڻ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

لاءِ عاجزي ۽ صبر اختيار ڪرڻو پوندو:

نَمِي ڪَمِي نهار تون، ڏمرُ پاسو ڏڪ،
منجهان صَبر سڪُ، جي سَنوارِئا سمجهين. (43)

شاهه سائينؒ هڪ ٻئي هنڌ سَاجاهه وارو ٿيڻ لاءِ صبر ۽ عاجزي جي واٽ وٺڻ جي صلاح هن ريت ٿو ڏئي:

نمي ڪمي نهار تون ڏمر ڏولائو،
ٿيين ساجائو جي اپيين انهين پير تي. (44)

صبر ۽ ساجاهه واري واٽ تي هلندڙن لاءِ شاهه سائين ڪاميابيءَ جو اعلان هن ريت فرمايو آهي:

ڪَمُ ڪَمندنِ ڪٿيو، هَارايو هُوڙهن،
چکيو نہ چُوندن، هو جو ساءُ صَبُر جو. (45)

شاهه سائين صبر ڪندڙن لاءِ "ڪم ڪمندن ڪٿيو" جو جيڪو اعلان فرمايو آهي، اهڙو ئي اعلان اسانکي ڪلام الاهي مان بہ ملي ٿو جنهن ۾ صبر اختيار ڪندڙن لاءِ تمام وڏي اجر جي خوشخبري هن ريت ڏنل آهي:

اِلَّا الَّذِيۡنَ صَبَرُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ؕ اُولٰٓئِكَ لَهُمۡ مَّغۡفِرَةٌ وَّ اَجۡرٌ كَبِيۡرٌ ﴿۱۱﴾ (46)

ترجمو: پر جن صبر ڪيو ۽ چڱا ڪم ڪيا ان لاءِ بخشش ۽ وڏو اجر آهي.

تحمل ۽ بردباري بہ هڪ اهم اخلاقي صفت آهي. شاهه ان سلسلي ۾ هدايت فرمائي آهي تہ جيڪڏهن ڪو ويڻ ڏئي تہ انکي اهي ويڻ ورائي نہ ڏجن، بلڪ هاديءَ جي هدايت کي سامهون رکندي برداشت ۽ تحمل سان نفس کي مارڻ گهرجي:

سُٽي ويڻ ڪَنن سين وارج ڪيم وري،
هاديءَ جي هدايت جي آهي ايءَ ڳري،
جَني سَاهه سَري، تَن ماريو نفس مَاٺ سين. (47)

پٺائيءَ جيڪا برداشت جي صلاح ڏني آهي انجو تاڪيد اسان کي قرآن ڪريم مان بہ هن ريت ملي ٿو:

وَالۡكٰظِمِيۡنَ الۡغَيۡظَ وَالۡعَافِيۡنَ عَنِ النَّاسِ ؕ وَاللّٰهُ يُحِبُّ الۡمُحۡسِنِيۡنَ ﴿۱۳۴﴾ۚ (48)

ترجمو: ۽ ڪاوڙ کي ڪائيندڙ ۽ ماڻهن (جي ڏوهہ) کان ٽارو ڪندڙ آهن ۽ الله ڀلارن کي دوست رکندو آهي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هن آيت سڳوري ۾ انهن ٻانهن جي تعريف فرمائي وئي آهي، جيڪي شاهه سائين جي صلاح موجب ”سٽي ويڻ ڪنن سين وارج ڪيم وري“ تي عمل ڪندا آهن.

شاهه سائين اڳتي هلي انسان کي چوندڙن جي چئي کي وساري، معاف ڪري، انئي پهر ادب ۽ اخلاق سان زندگي گذارڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد ٿو فرمائي ته مفتي پاڻ ٿيءُ، ايئن نه ٿئي جو توکي قاضيءَ جو ڪاٽيارو ٿيڻو پوي:

اَڻ چُوندن ڪين مَ چئُه، چَوندن چيو وسار،
اَنئي پهر ادب سين پر اهائي پار،
پايو مُنه مونن ۾ غُربت ساڻ گذار،
مُفتي منجهه وهار، ته قاضي ڪاٽيارو نه ٿئين.(49)

اهڙي قسم جي ساڳي رهنمائي اسان کي قرآن ڪريم مان به ملي ٿي جنهن ۾ معاف ڪرڻ جي عادت پيدا ڪرڻ، جاهلن کان ٽارو ڪرڻ ۽ چڱن ڪمن ڪرڻ جي هدايت فرمايل آهي:

خُذِ الْعَفْوَ وَ اْمُرْ بِالْعُرْفِ وَ اَعْرِضْ عَنِ الْجٰهِلِيْنَ ﴿۱۹۹﴾ (50)

ترجمو: معافي ڏيڻ جي عادت (پيدا) ڪر ۽ چڱي ڪم ڪرڻ جو حڪم ڪر ۽ جاهلن کان منهن موڙ.

## درگذر ڪرڻ:

انساني زندگيءَ ۾ درگذر ڪرڻ ۽ معاف ڪرڻ کي وڏي اهميت حاصل آهي جو ته اها هڪ اعليٰ اخلاقي صفت آهي، جيڪا انسان ذات ۽ معاشري لاءِ سک، سڪون ۽ امن جو سبب بنجي ٿي.

ڀلاري ڀٽائيءَ پنهنجي ڪلام ۾ هر وقت درگذر ڪرڻ جي صلاح ڏني آهي. سندس فڪر موجب جيڪڏهن ڪو انسان خوشي ماڻڻ چاهي ته انکي ويڻ ورائي سامهان نه ڏيڻ گهرجن:

چُوندن ڪِيم چئيجُ، ويڻَ وَرائي سَامُهان،
ڪا مَتَ قيمت جهڙي، روز ڏمر کي ڏيجُ،
ويڻ مَ ورائيج، ته سڀ در سُهاڳي ٿئين.(51)

دين اسلام ۾ به درگذر ڪرڻ کي وڏي اهميت حاصل آهي. قرآن ڪريم ۾ انسان کي اُها سهڻي صفت اختيار ڪرڻ جي صلاح هن ريت ڏني وئي آهي:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

وَلْيَعْفُوْا وَلْيَصْفَحُوْا ؕ اَلَا تُحِبُّوْنَ اَنْ يَّغْفِرَ اللّٰهُ لَكُمْ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٢٢﴾ (52)

ترجمو: ۽ جڳائي تہ معاف ڪن ۽ ٽارو ڪن، اوهين نہ گهرندا آهيو ڇا تہ الله اوهان کي بخشي؟ ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي.

اڳتي هلي هڪ ٻئي هنڌ درگذر ڪرڻ جي باري ۾ شاهہ سائينؒ انسان جي رهبري ڪندي ڪيس ويڻ نہ ورائڻ ۽ پنهنجي من (نفس) کي ماري ميڻ ڪري صبر ڪرڻ جي تلقين هن ريت فرمائي آهي:

هُــو چُــونــئــي تــون مَر چــئــہ واتــان واري ويــڻُ،
سَــيــن سَــيــد چــئــي، مَــنُ مَــاري ڪــر مَــيــڻُ،
ڪَانڊ وَڏِوئي ڪيڻُ، ڪِيني منجهان ڪين ٿئي. (53)

واتان ويڻ نہ ورائيندڙن لاءِ خداوند عالم پاران قرآن ڪريم ۾ پڻ محبت جو اعلان هن ريت فرمايل آهي:

وَالْعَافِيْنَ عَنِ النَّاسِ ؕ وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٣٤﴾ؕ (54)

ترجمو: ۽ ماڻهن جي ڏوهہ کان ٽارو ڪندڙ آهن ۽ الله ڀلارن کي دوست رکندڙ آهي.

هن سڳوري آيت مان ڀٽائيؒ جي ”هو چونئي تون مَر چئہ واتان واري ويڻ“ واري صلاح تي عمل ڪندڙن لاءِ رب ڪريم جي بارگاهہ مان بہ دوستي جي خوشخبري جو پتو پوي ٿو. انڪري جيڪڏهن ڪو چاهي تہ ڪيس الله جو قرب ۽ محبت نصيب ٿئي تہ پوءِ ان کي ڀٽائيؒ جي مٿين صلاح تي عمل ڪرڻ گهرجي.

## ڀائيچارو:

ڀٽائيؒ ڀائيچاري برقرار رکڻ لاءِ محبت کي قائم رکڻ جي صلاح ٿو ڏئي تہ آءٌ پنهنجي محبوب کي ڳوليندو رهان ۽ هو مونکي نہ ملي، متان محبوب جي ملڻ ڪري منهنجي دل ۾ جيڪا ان جي محبت آهي سا ڪٿي ختم ٿي وڃي:

آءٌ ڏوريئين، شال مَر لَهئين، تَنُ مَر ملين تون،
لَئُون لَئُون منجهان مون، لوچَ تنهنجي نہ لَهي. (55)

ايمان وارن کي بہ الله تعاليٰ ڀائيچاري واري نعمت کي قائم رکڻ لاءِ تاڪيد فرمايو آهي:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

اِنَّمَا الۡمُؤۡمِنُوۡنَ اِخۡوَةٌ فَاَصۡلِحُوۡا بَيۡنَ اَخَوَيۡكُمۡ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمۡ تُرۡحَمُوۡنَ ۝١٠ (56)

ترجمو: مومن تہ سڀ ڀائر آهن تنهنڪري پنهنجي ٻنهي ڀائرن جي وچ ۾ صلح ڪريو ۽ الله کان ڊڄو تہ من اوهان تي ٻاجھ ڪئي وڃي.

ڀائيچاري کي قائم رکڻ لاءِ شاھ محبت سان گڏ بردباري کي بہ لازم قرار ڏنو آهي. سندس فڪر موجب جيڪڏهن ڪو محبت جي ناتي کي ٽوڙي انتشار پيدا ڪري تہ عقلمند انسان کي محبت ۽ ڀائيچاري کي نہ ڇڏڻ گهرجي:

جي هو تاڻين تَندُ کي، تہ تون ھڏ مَ تاڻ،
اڳي ان اُھجاڻ، سالم تَندُ سَڄي رَھي. (57)

قرآن ڪريم مان بہ اھا ھدايت ملي ٿي تہ تڪرار نہ ڪرڻ گهرجي، ڇو تہ تڪرار سبب ڀائيچارو ختم ٿي ويندو:

وَلَا تَنَازَعُوۡا فَتَفۡشَلُوۡا وَتَذۡهَبَ رِيۡحُكُمۡ وَاصۡبِرُوۡا ؕ اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الصّٰبِرِيۡنَ ۝٤٦ (58)

ترجمو: ۽ پاڻ ۾ تڪرار نہ ڪريو نہ تہ سست ٿيندؤ ۽ اوھان (مان اتفاق) جي بوءِ ھلي ويندي ۽ صبر ڪريو بيشڪ الله صابرن (صبر ڪندڙن) سان گڏ آهي.

شاھ سائينؒ پنهنجي آفاقي ڪلام ذريعي انسانيت جي رهنمائيءَ جو حق ادا ڪرڻ ۾ سيني کان اڳيرو آهي ۽ جيهائي جوڙ مان پريت پسڻ جي صلاح ڏيندي فرمائي ٿو:

رُٺي ناهي ريت، پَھَٽي پاھتُ ناه ڪو،
پَسو مَنجھ پريت، جيھائي جوڙ وَھي. (59)

شاھؒ ھن بيت ۾ رٺي ناهي ريت ڏانهن جيڪو اشارو فرمايو آهي، ان مان مراد آهي تہ رُسڻ يا فساد ڪرڻ ڪا سٺي روش نہ آهي. ساڳئي وقت قرآن ڪريم ۾ بہ رُسڻ واري روش جي نفي ڪيل آهي:

فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَصۡلِحُوۡا ذَاتَ بَيۡنِكُمۡ ۖ (60)

ترجمو: پوءِ الله کان ڊڄو ۽ پاڻ ۾ ٺهراءُ ڪريو.

شاھ سائين جو ”پسو منجھ پريت“ وارو حڪم ھن سڄوري آيت جي تشريح جو درجو رکي ٿو جنهن ۾ محبت جي واٽ وٺي ڀائيچاري کي فروغ ڏيڻ جو راز سمايل آهي.

دلين ۾ ميلاپ ۽ محبت جي اهميت جو پتو اسانکي قرآن ڪريم جي هڪ ٻي آيت مان پڻ پوي ٿو، جنهن ۾ وضاحت سان فرمايل آهي تہ دلين جو ميلاپ ايترو تہ قيمتي آهي، جو جيڪڏهن انسان جيڪي ڪجهہ زمين ۾ آهي اهو سڀ بہ خرچ ڪن ها تہ بہ اها دلين جي ميلاپ واري نعمت حاصل نہ ڪري سگهن ها.

وَاَلَّفَ بَيْنَ قُلُوْبِهِمْ ؕ لَوْ اَنْفَقْتَ مَا فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا مَّآ اَلَّفْتَ بَيْنَ قُلُوْبِهِمْ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ اَلَّفَ بَيْنَهُمْ ؕ (61)

ترجمو: ۽ انهن (مومنن) جي دلين ۾ ميلاپ ڏنائين جيڪي زمين ۾ آهي سو مڙئي جيڪڏهن تون خرچين ها تہ سندين دلين ۾ ملاپ نہ ڏئي سگهين ها پر الله سندن وچ ۾ ميلاپ ڏنو.

## چڱي ۽ بُري سنگت:

سنڌ جو سداحيات شاعر انسان کي چڱي سنگت سان رابطي رکڻ ۽ برن دوستن جي بري سنگت کان بچڻ جي هدايت ٿو فرمائي، چو تہ شاهہؒ جي زندگيءَ جو مقصد انسان ذات جي دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي ۽ ڪاماراني آهي. شاهہ سائين انسان کي اهڙي ٽولي سان گڏ گذارڻ جي صلاح ٿو ڏئي جن سان ڏک ڏور ٿين ۽ ڪاميابي حاصل ٿئي:

ويــــنــــي جَــــنــــي وٽ، ڏکــــنــــدو ڏور ٿــــئــــي،
تــون تَــنــيــن ســيــن ڪَــٽِ، اوڏا اَڏي پــڪــڙا. (62)

ساڳئي وقت بارگاهہ الاهي مان بہ اسانکي اهڙي سنگت رکندڙن لاءِ خوشخبري جو اعلان هن ريت ملي ٿو:

وَمَنْ يَّتَوَلَّ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا فَاِنَّ حِزْبَ اللّٰهِ هُمُ الْغٰلِبُوْنَ ﴿٥٦﴾ (63)

ترجمو: ۽ جيڪو الله ۽ سندس پيغمبر ۽ مؤمنن کي دوست ڪري وٺندو (سو الله جي ٽولي مان ٿيندو) چو تہ الله جي ٽولي ئي غالب آهي.

پلاري پنائي مٿئين بيت ۾ جن وٽ ويهڻ کي روح جي راحت ۽ ڏکن جي دور ڪرڻ جو ذريعو قرار ڏنو آهي، ان لاءِ الله سبحانه و تعالىٰ پاران دوستي ۽ ڪاميابيءَ جو اعلان گذريل آيت کان بہ وڌيڪ وضاحت سان هن ريت فرمايل آهي:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

اَللّٰهُ وَلِيُّ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا ۙ يُخۡرِجُهُمۡ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوۡرِ ؕ (64)

ترجمو: الله مومنن جو (دوست) سنڀاليندڙ ڪين اونداهين مان سوجهري ڏانهن ڪڍندو آهي.

لطيف سائينءَ ان محفل، مجلس ۽ دوستي ڪان بہ منع ٿو فرمائي، جنهن مان انسان کي گمراهي، نقصان ۽ ڏک پهچي:

ويــنــي جَــنِــي وَٽِ، ڏُڪــنــدو ڏاڍو ٿــئــي،
سَا مجلس ئي مَٽِ، جي حاصل هوءِ هزار جو. (65)

ساڳئي وقت اسانکي قرآن ڪريم مان اهڙي مجلس ۽ دوستي ڪان بچڻ ۽ ان مجلس وارن گمراهن جي ناڪامي ۽ سندن سزا جي خبر هن ريت پوي ٿي:

وَالَّذِيۡنَ كَفَرُوۡۤا اَوۡلِيٰٓـُٔهُمُ الطَّاغُوۡتُ ۙ يُخۡرِجُوۡنَهُمۡ مِّنَ النُّوۡرِ اِلَى الظُّلُمٰتِ ؕ اُولٰٓـئِكَ اَصۡحٰبُ النَّارِ ۚ هُمۡ فِيۡهَا خٰلِدُوۡنَ (66)

ترجمو: ۽ جيڪي ڪافر آهن تن جا مددگار (۽ دوست خدا ڪان سواءِ جن جي عبادت ڪن ٿا سي شيطان) بت آهن. (جي) ڪين سوجهري مان اونداهين ڏانهن ڪيندا آهن. اهي دوزخي آهن، اهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن.

## حوالا


1. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، ”شاهہ جو ڪلام“ جلد 8-9، سُر آسا، داستان 1- 19، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا، حيدرآباد، 1999ع، ص: 456.
2. قريشي، مولانا عبدالڪريم، ترجمو: ”قرآن ڪريم“، سورت اخلاص، آيت 1-2، پاره 30، علمي مجلس سنڌ، 1999ع، ص: 1235.
3. قريشي، مولانا عبدالڪريم، ترجمو: ”قرآن ڪريم“، سورت الزمر، آيت 36-37، پاره 24، علمي مجلس سنڌ، 1999ع، ص: 935.
4. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، ”شاهہ جو ڪلام“ جلد 8-9، سُر آسا، داستان 1- 22، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا، حيدرآباد، 1999ع، ص: 457.
5. قريشي، مولانا عبدالڪريم، ترجمو: ”قرآن ڪريم“، سورت النساء، آيت 116، پاره 5، علمي مجلس سنڌ، 1999ع، ص: 191.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair

6. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، ”شاهه جو ڪلام“ جلد 8-9، سُر آسا، داستان 3-4، علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا، حيدرآباد، 1999ع، ص: 464.
7. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، ”شاهه جو ڪلام“ جلد 8-9، سُر آسا، داستان 6-13، علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا، حيدرآباد، 1999ع، ص: 470.
8. امروٽي، مولانا تاج محمود، ترجمو: ”قرآن ڪريم“، سورت النساء، آيت 171، پاره 6، تاج ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي، 1999ع، ص: 128.
9. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، ”شاهه جو ڪلام“ جلد 8-9، سُر آسا، داستان 2-7، علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا، حيدرآباد، 1999ع، ص: 471.
10. امروٽي، مولانا تاج محمود، ترجمو: ”قرآن ڪريم“، سورت الممتحنه، آيت 12، پاره 28، تاج ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي، 1999ع، ص: 664.
11. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، ”شاهه جو ڪلام“ جلد 8-9، سُر آسا، داستان 4-19، علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا، حيدرآباد، 1999ع، ص: 465.
12. امروٽي، مولانا تاج محمود، ترجمو: ”قرآن ڪريم“، سورت الاحزاب، آيت 54 ۽ 46، پاره 22، تاج ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي، 1999ع، ص: 664.
13. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، ”شاهه جو ڪلام“ جلد 8-9، سُر آسا، داستان 3-16، علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا، حيدرآباد، 1999ع، ص: 462.
14. امروٽي، مولانا تاج محمود، ترجمو: ”قرآن ڪريم“، سورت الانعام، آيت 123، پاره 8، تاج ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي، 1999ع، ص: 174.
15. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، ”شاهه جو ڪلام“ جلد 8-9، سُر آسا، داستان 3- 17، علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا، حيدرآباد، 1999ع، ص: 462.
16. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، ”شاهه جو ڪلام“ جلد 8-9، سُر آسا، داستان 3- 18، علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا، حيدرآباد، 1999ع، ص: 462.
17. امروٽي، مولانا تاج محمود، ترجمو: ”قرآن ڪريم“، سورت آلِ عمران، آيت 120، پاره 4، تاج ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي، 1999ع، ص: 80.
18. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، ”شاهه جو ڪلام“ جلد 8-9، سُر آسا، داستان 3- 15، علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا، حيدرآباد، 1999ع، ص: 462.
19. امروٽي، مولانا تاج محمود، ترجمو: ”قرآن ڪريم“، سورت بني اسرآئيل، آيت 45-46، پاره 15، تاج ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي، 1999ع، ص: 345.
20. امروٽي، مولانا تاج محمود، ترجمو: ”قرآن ڪريم“، سورت الاحزاب، آيت 57، پاره 22، تاج

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي، 1999ع، ص: 513.

21. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، ”شاھ جو ڪلام“ جلد 8-9، سُر آسا، داستان 6-17، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا، حيدرآباد، 1999ع، ص: 470.

22. امروٽي، مولانا تاج محمود، ترجمو: ”قرآن ڪريم“، سورت يوسف، آيت 57، پاره 13، تاج ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي، 1999ع، ص: 212.

23. امروٽي، مولانا تاج محمود، ترجمو: ”قرآن ڪريم“، سورت آلِ عمران، آيت 198، پاره 4، تاج ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي، 1999ع، ص: 93.

24. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، ”شاھ جو ڪلام“ جلد 8-9، سُر آسا، داستان 1-17، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا، حيدرآباد، 1999ع، ص: 455.

25. امروٽي، مولانا تاج محمود، ترجمو: ”قرآن ڪريم“، سورت الانعام، آيت 162، پاره 8، تاج ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي، 1999ع، ص: 181.

26. امروٽي، مولانا تاج محمود، ترجمو: ”قرآن ڪريم“، سورت التوبه، آيت 108، پاره 11، تاج ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي، 1999ع، ص: 246.

27. امروٽي، مولانا تاج محمود، ترجمو: ”قرآن ڪريم“، سورت البقره، آيت 138، پاره 2، تاج ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي، 1999ع، ص: 35.

28. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، ”شاھ جو ڪلام“ جلد 8-9، سُر آسا، داستان 1-9، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا، حيدرآباد، 1999ع، ص: 454.

29. امروٽي، مولانا تاج محمود، ترجمو: ”قرآن ڪريم“، سورت الاعراف، آيت 205، پاره 9، تاج ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي، 1999ع، ص: 213.

30. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، ”شاھ جو ڪلام“ جلد 8-9، سُر آسا، داستان 7-3، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا، حيدرآباد، 1999ع، ص: 471.

31. امروٽي، مولانا تاج محمود، ترجمو: ”قرآن ڪريم“، سورت الرعد، آيت 28، پاره 13، تاج ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي، 1999ع، ص: 305.

32. امروٽي، مولانا تاج محمود، ترجمو: ”قرآن ڪريم“، سورت آلِ عمران، آيت 191، پاره 4، تاج ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي، 1999ع، ص: 92.

33. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، ”شاھ جو ڪلام“ جلد 8-9، سُر آسا، داستان 4-7، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا، حيدرآباد، 1999ع، ص: 464.

34. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، ”شاھ جو ڪلام“ جلد 8-9، سُر آسا، داستان 5- وائي، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا، حيدرآباد، 1999ع، ص: 466.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

35. امروٽي، مولانا تاج محمود، ترجمو: "قرآن ڪريم"، سورت الحديد، آيت 4، پاره 27، تاج ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي، 1999ع، ص: 647.

36. امروٽي، مولانا تاج محمود، ترجمو: "قرآن ڪريم"،سورت قٓ ، آيت 16، پاره 26، تاج ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي، 1999ع، ص: 624.

37. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، "شاهه جو ڪلام" جلد 8-9، سُر آسا، داستان 3-1، علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا، حيدرآباد، 1999ع، ص: 460.

38. امروٽي، مولانا تاج محمود، ترجمو: "قرآن ڪريم"، سورت البقره، آيت 165، پاره 2، تاج ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي، 1999ع، ص: 32.

39. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، "شاهه جو ڪلام" جلد 8-9، سُر آسا، داستان 7-1، علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا، حيدرآباد، 1999ع، ص: 471.

40. امروٽي، مولانا تاج محمود، ترجمو: "قرآن ڪريم"، سورت المومن، آيت 44، پاره 24، تاج ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي، 1999ع، ص: 568.

41. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، "شاهه جو ڪلام" جلد 8-9، سُر آسا، داستان 7- وائي، علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا، حيدرآباد، 1999ع، ص: 473.

42. امروٽي، مولانا تاج محمود، ترجمو: "قرآن ڪريم"، سورت النساء، آيت 18، پاره 4، تاج ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي، 1999ع، ص: 98.

43. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، "شاهه جو ڪلام" جلد 8-9، سُر آسا، داستان 7- 18، علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا، حيدرآباد، 1999ع، ص: 473.

44. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، "شاهه جو ڪلام" جلد 8-9، سُر آسا، داستان 7- 19، علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا، حيدرآباد، 1999ع، ص: 473.

45. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، "شاهه جو ڪلام" جلد 8-9، سُر آسا، داستان 7- 20، علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا، حيدرآباد، 1999ع، ص: 473.

46. امروٽي، مولانا تاج محمود، ترجمو: "قرآن ڪريم"، سورت هود، آيت 11، پاره 12، تاج ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي، 1999ع، ص: 268.

47. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، "شاهه جو ڪلام" جلد 8-9، سُر آسا، داستان 7- 14، علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا، حيدرآباد، 1999ع، ص: 472.

48. امروٽي، مولانا تاج محمود، ترجمو: "قرآن ڪريم"، سورت آلِ عمران، آيت 134، پاره 4، تاج ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي، 1999ع، ص: 82.

49. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، "شاهه جو ڪلام" جلد 8-9، سُر آسا، داستان 7-16، علامه قاضي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

رسالو تحقيقي رٿا، حيدر آباد، 1999ع، ص: 473.

50. امروٽي، مولانا تاج محمود، ترجمو: "قرآن ڪريم"، سورت الاعراف، آيت 199، پاره 9، تاج ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي، 1999ع، ص: 213.

51. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، "شاهہ جو ڪلام" جلد 8-9، سُر آسا، داستان 7- 13، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا، حيدر آباد، 1999ع، ص: 472.

52. امروٽي، مولانا تاج محمود، ترجمو: "قرآن ڪريم"، سورت النور، آيت 22، پاره 18، تاج ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي، 1999ع، ص: 474.

53. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، "شاهہ جو ڪلام" جلد 8-9، سُر آسا، داستان 7- 17، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا، حيدر آباد، 1999ع، ص: 473.

54. امروٽي، مولانا تاج محمود، ترجمو: "قرآن ڪريم"، سورت آلِ عمران، آيت 134، پاره 4، تاج ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي، 1999ع، ص: 82.

55. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، "شاهہ جو ڪلام" جلد 8-9، سُر آسا، داستان 4- 23، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا، حيدر آباد، 1999ع، ص: 466.

56. امروٽي، مولانا تاج محمود، ترجمو: "قرآن ڪريم"، سورت الحُجرات، آيت 10، پاره 26، تاج ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي، 1999ع، ص: 621.

57. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، "شاهہ جو ڪلام" جلد 8-9، سُر آسا، داستان 7-7، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا، حيدر آباد، 1999ع، ص: 472.

58. امروٽي، مولانا تاج محمود، ترجمو: "قرآن ڪريم"، سورت الانفال، آيت 46، پاره 10، تاج ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي، 1999ع، ص: 221.

59. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، "شاهہ جو ڪلام" جلد 8-9، سُر آسا، داستان 6- 13، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا، حيدر آباد، 1999ع، ص: 468.

60. امروٽي، مولانا تاج محمود، ترجمو: "قرآن ڪريم"، سورت الانفال، آيت 1، پاره 9، تاج ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي، 1999ع، ص: 214.

61. امروٽي، مولانا تاج محمود، ترجمو: "قرآن ڪريم"، سورت الانفال، آيت 63، پاره 10، تاج ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي، 1999ع، ص: 223.

62. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، "شاهہ جو ڪلام" جلد 8-9، سُر آسا، داستان 7-9، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا، حيدر آباد، 1999ع، ص: 472.

63. امروٽي، مولانا تاج محمود، ترجمو: "قرآن ڪريم"، سورت المائده، آيت 56، پاره 6، علمي مجلس سنڌ، 1999ع، ص: 191.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

64. امروٽي، مولانا تاج محمود، ترجمو: ”قرآن ڪريم“، سورت البقره، آيت 257، پاره 3، علمي مجلس سنڌ، 1999ع، ص: 99.

65. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، ”شاهه جو ڪلام“ جلد 8-9، سُر آسا، داستان 7-8، علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا، حيدر آباد، 1999ع، ص: 472.

66. امروٽي، مولانا تاج محمود، ترجمو: ”قرآن ڪريم“، سورت البقره، آيت 257 پاره 3، علمي مجلس سنڌ، 1999ع، ص: 99.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair